تاڙيون وڄايون ۽ سدر صاحب جي فيصلي جي تائيد ڪئي ۽ خوشي جو اظهار ڪيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو مور ۽ ٻولڙو فيصلي موجب هنيلي هرڻيءَ جي رهائش گاهه تي ساڻس ڳالهيون ڪرڻ لاءِ روانا ٿي ويا.

هنيلي جهنگل جي هڪ گهاٽي جهنڊ ۾ رهندي هئي، سياري جي موسم هئي هوءَ پنهنجي گهر جي ٻاهران ڏورو ڀريڙو ڇڏڻ وٽن مان ڇٽي ايندڙ سج جي ڪرڻن تي آڙڪو جهٽي رهي هئي. مور ۽ ٻولڙو ويجهو آيا، هرڻي ڇرڪ ڀري ڏهي وڃي ڀرتي ويٺي.

ڇرڙ .... ڇرڙ .... مائي هرڻي اسان توڏي آيا آهيون اسان سان به ٿي ڳالهيون ڪر .... ڇرڙ .... ڇرڙ...."

ٻولڙي ڀري ڪان ئي ڪيس پنهنجي بزرگيءَ جو احساس ڏيارينڊي چيو:

"ٻئي .... ٻئي .... ڇو ڇو ڪهڙو ڪم اٿو؟

ٻئي .... ٻئي"

هنيلي هرڻيءَ پنهنجي روايتي هوڏ مان ورائيو:

ڇرڙ .... ڇرڙ .... اسان جهنگل جي جانورن ۽ پکين جي گڏيل برادريءَ جي طرفان آيا آهيون ته توکي سمجهايون ........

ٻئي .... ٻئي .... مان ڇري آهيان ڇا؟ هي آيا آهن وڏا سمجهائڻ وارا .... ٻئي .... ٻئي." هرڻيءَ ٻولڙي جي

اچي ڪَڏ ٿيا جو وڏو ۽ وسيع ميدان به تنگ نظر اچڻ لڳو.

گڏجاڻي جي صدر ماسي گدڙ سڀ کان اڳ مور کي پنهنجو بيان ڏئي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

مور پنهنجو بيان هن ريت شروع ڪيو.

”مياؤ .... مياؤ .... اسان پنچائت جي حڪم موجب ماڻي هٺيلي هرڻيءَ وٽ ويا سون، ڪيس ساري حقيقت سمجهائي ڪيس صلح ۽ سڪ سان گڏجي هڪ ٻئي گذارڻ جي فهمائش ڪئي سون .... پر مائي هٺيلي اسان کي ڀير ڪوڙڻ ئي نه ڏنو .... مياؤ .... مياؤ.“

ڍولڙي مور جي تائيد ڪندي بيان اڳتي وڌايو.

”چرڙ .... چرڙ .... هٺيلي پنهنجي هوڏ تي قائم آهي، هن اسان پنهي ميمبرن جي هڪ به نه ٻڌي ۽ بي مهتو ڪري ڪڍيو آهي انهيءَ ڪري سواءِ انهيءَ جي ٻيو ڪو رستو ڪونهي جو هٺيلي کان قطع تعلقات ڪريون .... چرڙ .... چرڙ“

مور ۽ ڍولڙي جا بيان ٻڌي سڄي محفل تي سڪتو ڇانئجي ويو. سڀئي هڪ ٻئي جا منهن تڪڻ لڳا. هاڻي سڀني جون نظرون محفل جي صدر ماسي گدڙ ڏي نهارڻ لڳيون. سڀئي سندس فيصلي جا منتظر هئا.

ماسو گدڙ اٿيو ۽ پنهنجي صدارتي تقرير شروع ڪيائين:

ويو. جڏهن هٽ کليائين ته سندس هٽ ۾ هڪ مٽيءَ جو گڏيلو ۽ ٻي ڪوني ٻاٺهلي هئي. اها ڪوني ٻاٺهلي هن ڪجهه ڏينهن اڳ رستي، تان لڌي هئي. ٻاٺهلي ڏسي سندس دل ٻال وانگر ٽپا ڏيڻ لڳي هئي ۽ ٻاڻ کي خوشيءَ جي پينگهه ۾ لڏندو محسوس ڪيو هئائين هن سارو ڏينهن مهٽي مهٽي ڪاري ٻاٺليءَ کي اڇو ڪيو هو، ۽ شام جو جڏهن اها ٻاٺلي ڪوڙل ڇولن واري کي ڏني هئائين ۽ نماڻو منهن ڪري، نينڍڙو هٽ ڊ گهيڙي ڪانئس ڇولا گهريا هئا. تڏهن ڪوڙل ڇولن واري ڪوڙو منهن ڪري ڇڙٻ ڪيندي، ٻاٺولي اڇلائي ڏني هئس، پر وري ٻه هن اها ڪوني ٻاڏولي پنهنجي ملڪيت ۽ ميراث سمجهي ساهه سان سانڍي رکي ته من ڪنهن ڪم اچي. پر اڄ ڏينهن تائين اها ٻاٺولي ڪونه هلي هئي.

سوڍي گڏيلي ۽ ٻاٺليءَ کي غور سان ڏٺو ۽ وري کيسي ۾ رکي، الائي ڇا سوچي وٺي ڊوڙ پاتائين ۽ ڊوڙندو ڊوڙندو اچي گهر پهتو.

سوڍي جي ماءُ سوني پنهنجي پراڻي ڪوٺڙيءَ جي اڳيان منهن جي هيٺان ويٺي پراڻن لٽن کي ڌوئيو ۽ ڇتيون هنيون.

ماءُ کي ڏسي سوڍي جي اکين جا بند ٽٽي پيا ۽ سندس ڇنجهڙيون اکيون ساوڻ جي مينهن وانگر وسڻ لڳيون، ۽ سڏڪا ڀريندي ماءُ کي چيائين:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نڪري، ٻر جڏهن آچر ڏينهن ٻلار جـو سمورو ڳوٺ هڪ هڪ ٻه ٻه ٿي گهر ڪري لڏي ويـو تڏهن روپان ۽ راوت ڪي ٻه الڪي اڪيلي ورايو. سنڌن ڪنڌي ۾ جيڪي ٻاجهر جا داڻا هئا سي به ٻڪ ٻڪ ٿي پورا ٿي ويا.

رملي ۽ رڪپال صبح جـو بڪاري پيٽ پٽن تـي، نڪري ويندا هئا ۽ سڪل ڪرڙن ۽ چارن ماڻ ڪي سوٽيل ڏيلها ۽ پيرون تلاش ڪري پنهنجي خالي پيٽ کي اڌپورو آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اڄ هو ٻئي ڪچڙي منجهند تائين ڪافي ٻري تائون رليا، پر ڪين هڪ اڌ ڏيلهونءَ ڪان سواءِ ڪجهه به نه مليو. ٻئي معصوم ٻارڙا نراس ۽ نااميد ٿـي بکارا ڏي بکارا پنهنجيءَ جهوپڙيءَ ڏي موٽي آيا.

ماڻن ڇيچ ۾ ٻاجهريءَ جو آخري ٻڪ ڪيئي رب رڌڻ جون تياريون ڪري رهي هئي. ٻارڙا سنڌس ڀر ۾ اچي نماڻو منهن ڪري ويهي رهيا. روپان ٻاجهري صاف ڪري راوت جـو انتظار ڪرڻ لڳي، جيڪو ٻاليءَ جي ڪلي ڪٽي ڀر واري ڪنهن ڳوٺ مان ٻاٽي آڻڻ لاءِ ويل هو. ٻلا ٻاٽيءَ کان سواءِ رب رڌجـي به ڪيئن! ٻارڙا سوالي نگاهن سان ماءُ جو منهن تڪڻ لڳا، پر روپان وٽ ڪو جواب هجي ته ٻچن کي ڏي، اهڙي ۾ ڪڙهه تـي ڪڙڪو ٿيو ۽ سڀئي نماڻا نيڻ کٽي گليءَ طرف تڪڻ لڳا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪن ڍين جي مٽ ڇني، پرپرو بيٺل گڏهه جي اڳيان اڇلي، بڪايل گڏهه خالي پيٽ کي آٿت ڏيڻ لاءِ سڪل ڊپ چٻاڙي، هانءَ جهل ڪرڻ لڳو.

روپان اندر آئي راوت ٿڌي ٿي اوندهه ۾ ابا گوڏا کيو انهن جي مٿان ورايل هٿن تي ڪاڏي رکيو ڪنهن گهري سوچ ۾ گم هو. هوءَ مڙس جي پر ۾ اچي ويٺي.

”هاڻي اسان ڪيي به لڏي هلڻ گهرجي، بڪ تي ڪيترو پلا اباڻا ڪک وٺندا .... بک جي پيٽڻ وچي ڀ ٻچڙن جو ساهه پيئندي .... ٻاڻ تي نه سهي، ٻچن تي قياس ڪر .... توکي اڇا اباڻن ڪکن جي لڳي آ ......“

روپان سب ڪجهه بيزاري مان چوندي وئي.

”هانو! روپان مان ٻاڻ انهيءَ سوچ ۾ آهيان .... سڀاڻي صبح جو سوير، ٻاڪ ڦٽيءَ مهل اسان جو لڏو روانو ٿيندو.... وري جي هوندي قسمت ته پنهنجا ٻڪڙا ڏسبا، نه ته يا نصيب....“

راوت ٿڌو شوڪارو ڀريندي چيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو آچر ڀلار جي ويران ڳوٺ مان هڪ ننڍڙو قافلو ڍنڍرڪي ۾ روانو ٿيو. روپان، راوت، ٻه ٻارڙا ۽ گڏهه تي ميرڻ شاهه جي مڏي، ٻه ڏندڻ ۽ ٽئين ٿڏي.

هي ننڍڙو قافلو منزلون هٿندو اچي ميرپور خاص پهتو. ڪين نه ڪو اوڍر ۽ اجهي لاءِ تنبو هو، ۽ نه

مجبوري ڏسڻ لڳا. راوت ڪيٿي ئي ڪا واهه نظر نه آئي ۽ هٿ ٻڌندي چيائين:
”حاضر بابا اسان هاڻي هليا وينداسين“
رئيس جو ڪمدار شهر وڃي پنهنجي فتح تي خوشيءَ واپس وڃڻ لڳو ۽ سندس ساٿي به سندس پٺيان راهي ٿيا.
راوت، روپان ڏي ڏسندي چيو:
جڏهن اسان تي اسان جي پالڻهار کي ئي رحم ڪونه ٿو اچي، ته پوءِ بندا ڇو ٻاجهه ڪن؟“
روپان پنهنجي خاوند جا اهي لفظ ٻڌي، آسمان ڏي نهار ڪري هڪ ڏکيو اڌو شوڪارو ڀريو، ۽ پنهنجي لاٿل سامان سهيڙڻ لڳي.
رئيس جو ڪمدار ڪاوڙ مان ڪلهن تي رکيل اجرڪ کي ڇنڊڪا ڏيندو، ڇپون ڇهنڊيندو، هلڻ لڳو ۽ سندس ڇمچڙا سندس پٺيان وڃڻ لڳا، هڪ ڇمچڙي ٿورو اڳتي وڃي ڪمدار سان ڪجهه ڳالهايو ۽ وري راوت جن ڏي موٽي آيو، ۽ روپان ڏي نهاري سائنس مخاطب ٿيو:
”چڱو مائي: توهان ڀلي وڃنا هجو، پر ـ ٽن ڏينهن کان پوءِ هليا وڃجو.... سو ن ڪمدار صاحب کي سفارش ڪري اجازت ورتي آهي.“
روپان، راوت ڏي ڏٺو ۽ هلڪي اداس مرڪ پنهنجي ويران مک تي تري آئي. زال مڙس ٿوراٿيون اکيون کڻي مڙسالي ڏي نهاريو ۽ دل ئي دل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چونه ڀت ڪٽي وڃا.... ۽ رمليءَ سان گڏ ڪاوان.... ٻر....“ چڻ ته رڪپال ڪو فيصلو ڪري ورتو ۽ هوريان هوريان لانڍ ۾ گهڙي آيو. نوڪر چاڪر ٻرتي ٿهيل ڪوٺيءَ ۾ ڪچهرين ۾ مصروف هئا، ۽ ڪتا ننڊ ۾ پيا هئا.

رڪپال ويجهي ڀتل ڪتي جي اڳيان رڪيل ڪير ڀت جي ڳينڍي ڪسڪائي ورتي ۽ هوريان هوريان ٻير پير ۾ ڪٽيندو ٻاهر نڪرڻ لڳو، اوچتو سندس پير ڪڙهه ۾ وچڙي پيو، ٿاڻو آيس ٻر ڪرڻ کان ٻچائي ويو. ڪڙڪي تي ڪتو سجاڳ ٿيو ۽ رڪپال تي الر ڪري زور سان ڀونڪڻ لڳو. ڪتي جي ڀونڪڻ تي رئيس جو نوڪر ٻاهر نڪتو ۽ رڪپال کي ڪڙهه کان ڇپندو نعي ورتائين.

رڪپال ڏٻل جسم سان ڊوڙندو روڊ تي پهتو، پٺتي نهار ڪيائين اونده ۾ ڪيس ڪجهه به نظر نه آيو. هو هر خطري کان آزاد ڊڪندو اچي پنهنجي جهوپڙي ۾ پهتو.

”رملي! او رملي! ڏس مون تو لاءِ ڪير ڀت آندو آهي، اٿ ته کائون“ رڪپال سڀ ڪجهه سهڪندي سهڪندي تڪڙ ۾ سڀ ڪجهه چئي ويو.

رملي جيڪا تڪ ۾ بک سبب تڏي تي پنهنجي ٻيءَ جو پراڻو اجرڪ اوڍيو ستي پئي هئي. ڀائڙي جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌ ھڏي ٽپ ڏيئي اٿي ويٺي ۽ کير پٽ جي گيندي ڏسي سندس اداس اکين ۾ خوشي جي چمڪ جرڪڻ لڳي.

رکپال کير پٽ وچ تي رکيو ئي مس ته رئيس جي ڪتن جو راڪو ڊوڙندو جهوپڙيءَ ۾ گهڙي آيو.

هڪ زوردار ٺڪر رکپال جي گول مٽول سانوري منهن تي لڳائي ڇڏيو ۽ سندس نڪ مان رت جو فوهارو نڪري کير پٽ تي وڃي ڪريو. پيءُ ساعت ۾ سمورو پٽ ڳاڙهو ٿي ويو. رملي ۽ رکپال خوف کان سراپجي ويا. رملي ويچاريءَ کي ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي، هوءَ حراس وچان ڪڏهن ڳاڙهي پٽ ڏي ته وري ڪڏهن رئيس جي نوڪر ڏي نهارڻ لڳي، جيڪو جلاد بڻيو مٿس بيٺو هو.

سوڍنچي ته راوت ۽ روپان جهوپڙي مان ٻاهر نڪري آيا. روپان ڊوڙي وڃي پٽ کي جهوليءَ ۾ کنيو ۽ پنهنجي پراڻي پوتي سان رکپال جي نڪ مان وهندڙ رت کي صاف ڪرڻ لڳي. سندس اکين ۾ انڪيل لڙڪ وهي پٽ جي ڳاڙهي چولي ۾ جذب ٿي ويا. راوت سيني ۾ سور جي سوٽ محسوس ڪئي، ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ڏي نهاري اکيون بند ڪري ڇڏيائين.

—

وڏي خبر شايع ٿيل هئي، "نوري ڊاڙيل پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو." خبر سان گڏ نوري جي تصوير شايع ٿيل هئي. تصوير ڏسڻ سان مون اڏين محسوس ڪيو ڄڻ تہ اها تصوير ڪا جاڻل سڃاتل تصوير هجي، دل ۾ هلڪو ڏک محسوس ٿيڻ لڳو، اکيون، نڪ، ٻنهي ڳلن تي لڳيون. وڌيون ٻوانٽون مڇون ڀيانڪ چهرو، مگر تنهن هوندي بہ مون کي انهيءَ تصوير ۾ الائجي ڇو پنهنجائپ محسوس ٿي. ساري رات سوچيندي گذري ۽ مان انهيءَ تصوير کي ذهن ۾ گهوليندو رهيس.

صبح جو عيد هئي، مان سوير نماز لاءِ سنبريس ٿيس تہ ٻاهر گوڙ ٻڌڻ ۾ آيو، ٻاهر نڪري گهٽيءَ ۾ آيس تہ پوليس جي گاڏي نورل جن جي دروازي تي بيٺل ڏٺم. ويجهو اچي ڏٺم تہ اخبار ۾ ڇپيل تصوير لاش جي صورت ۾ رکيل هئي، ۽ نورل جي ماءُ ويچاري لاش جي مٿان بي هوش پئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

